سعيده شفيق ميمڻ

# سنڌيءَ ۾ ڪالم نويسي (1885ع ڪان 1970ع تائين


***Abstract***

*This paper is divided into two parts. The first part is about columns and columnists. Here the definition of columns, its importance, the purposes of column writing and how columnists deal with the standard of news with logic and satire are discussed.*

*A column is a product of journalism. In fact when people became depressed due to the negative news being reported, they started reading columns, where columnist using satire and humour were able to make them digest the bitter news. Columns are not news rather news article.*

*In the second part, the development of Sindhi columns published in various newspapers are discussed.*

*In the study, the world of Sindhi columns from 1885 till 1970 is explored. This paper describes the role of Sindhi columnists on various political and social issues. In fact this study determines the status of columns and columnists in Sindhi literature.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## تعارف:

ڪالم، انگريزي، فرانسيسي ۽ لاطيني ٻوليءَ جي ٻن مختلف لفظن جي ميلاپ سان ٺهيو آهي. پراڻو فرانسيسي لفظ Colomne ۽ لاطيني لفظ Colume هن جا بڻ بنياد آهن. سنڌي زبان ۾ هي لفظ انگريزي زبان مان آيو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ٿنڀو، مينار يا صفحي جو حصو. آڪسفورڊ ۽ انگلش ڊڪشنري ۾ ڪالم جون هيٺيون معنائون ڏنيون ويون آهن:

”ٿنڀو، ڪا وڏي ڊگهي يا سوڙهي شيءِ (مينار)، صفحي جو ڊگهائي وارو حصو، اخبار جو هڪ حصو جو باقاعده ڪنهن خاص موضوع لاءِ مختص هجي.“ (1)

(Vol: III, Pg: 77)

صحافت جي اصطلاح ۾ لفظ ڪالم ٻن معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو، هڪ صفحي لاءِ ۽ ٻيو مخصوص قسم جي لکڻين لاءِ. اخبار جو هر صفحو عام طور تي اٺن ڪالمن تي مشتمل هوندو آهي. ڪالم جي ديگهه صفحي جي سائيز مطابق هوندي آهي. خبرن، مضمونن، ايڊيٽوريل ۽ ٻئي اخباري مواد کي ڪالمن ۾ ورهايو ويندو آهي، ۽ انهن کي مناسب سِرو (Heading) به ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو صحافتي مواد يا موضوعاتي تحرير ڪنهن مستقل عنوان هيٺ پابنديءَ سان شايع ٿئي ٿي ۽ انهيءَ جي جڳهه اخباري صفحي تي مقرر هجي ته انهيءَ کي ڪالم چئجي ٿو. صحافت سان واسطو رکڻ وارا انهيءَ کي هڪ ايڊيٽوريل به سڏين ٿا، جنهن تي لکندڙ جو نالو ۽ مضمون جي بنيادي لائين به ڏنل هجي. ڪالم کي ٻين صحافتي جزن کان الڳ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين ڪالم متعلق ڏنل سيني راين ۽ معنائن تي بحث ڪري، پوءِ ڪا وصف طئي ڪريون.

Wikipedia تي ڪالم متعلق ڄاڻ ڏيندي لکيو ويو آهي ته:

- ڪنهن به اخبار ۾ باقاعده ڇپجندڙ هجي.
- لکڻ واري جو شخصي تجزيو هجي.
- واضح طور تي ڪنهن راءِ جو بيان ڏيندڙ هجي.

اها راءِ موزون وصف جي تعين ۾ اسان جي رهنمائي ته ڪري ٿي، پر غور ڪرڻ سان ڪجهه سوال به ذهن ۾ اڀرن ٿا. مثال طور جڏهن اسان سنڌي ڪالمن جي اوائلي دؤر تي نظر وجهون ٿا ته مٿيون بيان ڪيل خوبيون گهٽ نظر اچن ٿيون. معنيٰ هتي ڪالم جي لفظ سان جيڪو مخصوص قسم جي تحريرن جو تصور اسان جي ذهن ۾ اڀري ٿو، انهيءَ کي مختصر طور بيان ڪرڻ آسان ڪونهي. انسائيڪلو پيڊيا برٽينڪا ۾ ڪالم متعلق هيٺين ڄاڻ ڏنل آهي:

”ڪنهن به اخبار ۾ لکڻ واري جي نالي سان هڪ مستقل عنوان هيٺ شايع ٿيڻ واري ليک کي ڪالم چئبو آهي، ۽ لکندڙ کي ڪالم نويس. اها تحرير تازين حالتن ۽ واقعن تي اظهارِ خيال لاءِ وقف هوندي آهي. ڪالم مزاحيه به ٿي سگهي ٿو ۽ سنجيده نوعيت جو به. ڪنهن هڪ موضوع تي به ٿي سگهي ٿو ۽ زندگيءَ جي متعلق عام طور

تي هن ۾ مختلف آداب، اخلاق ۽ دلچسپيءَ جي بين خيالن تي وزنائتا بحث، دليل ۽ مشورا به ٿي سگهن ٿا. هڪ ڪالم لازمي طور تي لکڻ واري جي ذاتي ذوق ۽ نقط نظر جو عڪس هوندو آهي، پوءِ اهو ضرورت جي شين جي باري ۾ هجي، پرڏيهي پاليسي بابت يا مارڪيٽ جي رجحان تي هجي." (Britanica, Vol: VIII, 1989) (2)

حقيقت ۾ ڪالم جو موضوع، مواد ۽ انداز الڳ هجڻ ڪري، انهن ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ ڪافي ڏکيو آهي. خاص ڪري قديم ۽ جديد صحافت جي انداز کي پيٽيندي اهو اجا به ڏکيو ٿي پوي ٿو ته هر ڪالم گهربل تقاضائن تي پورو لهي، ڇو ته موجوده اليڪٽرانڪ دؤر ۾ ڪالم نويسيءَ اظهار جي ميدان ۾ اهڙي رنگيني پيدا ڪئي آهي جو اڪثر ڪالم صحافت جي ميدان مان نڪري ادب جو حصو ٿي ويا آهن. جيئن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪالم "نعره مستانه" يا پير علي محمد راشديءَ جو ڪالم "رند ۽ پنڊ"، روزانه الوحيد ڪراچي ۽ روزانه عبرت حيدرآباد جي صفحن تي ترتيبوار ڇپيا، جيڪي ادبي ڪالم نويسيءَ جا عمدا مثال آهن.

دراصل ڪالم نويسي موضوعاتي وسعت سان گڏ هنرمندي به گهري ٿي. محمد امجد لکي ٿو، "اهي سڀ موضوع جيڪي ڪنهن به اخبار جي صفحن تي ڪالم جي صورت ۾ ڇپجن ٿا، ڪالم سڏائين ٿا. (محمد امجد، 1996 ، ص:63) (4)

جڏهن ته بارٽر جي راءِ ۾ "ڪالم شخصي تاثرات ظاهر ڪرڻ جو بهترين وسيلو آهي" (بارٽر: 1994 ، ص: 49) (5)

دراصل ڪالم نويسي هڪ ڏکيو فن ۽ وسيع موضوع آهي، جنهن لاءِ ڪيترائي رايا بحث هيٺ اچي سگهن ٿا، ڇو ته ڪالم نيوز آرٽيڪل نه، حقيقتاً نيوز(News) خبر آهي، جو عام طور تي ڇو ۽ ڪيئن جو جواب ڏئي ٿو، ۽ اڪثر ذاتي راءِ تي آڌاريل هجي ٿو. ڪالم لاءِ شفيق جالنڌريءَ جي هيءَ راءِ آهي، "ڪالم، اخبارن ۽ رسالن ۾ مستقل عنوان هيٺ شايع ٿيندڙ اهي تحريرون آهن، جڪي خاص طور تي هلندڙ موضوعن تي مخصوص انداز ۾ اهڙيءَ طرح لکيون وينديون آهن جو ايڊيٽوريل ۽ مضمون واري سنجيدگيءَ جي بجاءِ تفريح ۽ دلچسپيءَ جو باعث ٿين." (جالنڌري: 1980 ص:15) (6)

اسان جي خيال ۾ ڪالم نويس هڪ وڪيل جيان هوندو آهي جو پنهنجن دليلن ذريعي پڑهندڙ کي قائل ڪري سگهي ته بيان ڪندڙ موضوع متعلق سندس راءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

درست ۽ اعتبار جوڳي آهي. ظاهر آهي تہ انهيءَ لاءِ ڳوڙهي اڀياس ۽ وسيع ڄاڻ جو هجڻ ضروري آهي، ۽ انهيءَ کان بہ وڌيڪ لازمي آهي تہ هو انهيءَ ڄاڻ کي پڙهندڙ ڏانهن دلچسپ انداز ۾ منتقل ڪري سگهي. جڏهن تہ ڪالم هڪ اهڙي ادبي صنف آهي جا مضمون جيان پراثر بہ آهي، ۽ مقالي جيان تحقيقي بہ. ڪالم، اخبار جي پڙهندڙ کي خبر جي اهميت ۽ گهرائيءَ کان واقف ڪرائي ٿو، جنهن ڪري اڄ جي مصروفيت واري دؤر ۾ پڙهندڙ اخبار جي ڪالمن کي گهڻي دلچسپيءَ سان پڙهي ٿو.

## نتيجو:

ڪالم، ڪنهن بہ اخبار يا پبليڪيشن ۾ باقاعده ڇپجندڙ تحرير آهي.

ڪالم جو هڪ مستقل عنوان هوندو آهي.

ڪالم عام طور تي دلچسپ ۽ سادي انداز ۾ لکيو ويندو آهي.

اهو ڳوڙهي سوچ ۽ وسيع اڀياس جو مظهر هوندو آهي.

## ڪالم لکڻ جا مقصد:

صحافت جو مقصد پڙهندڙن کي تازن واقعن ۽ حالتن کان باخبر رکڻ ۽ انهن لاءِ وندر فراهم ڪرڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ هوندو آهي. خبرون، مضمون، فيچر ۽ ايڊيٽوريل عام طور تي انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيا ويندا آهن، پر ڪالم جو معاملو ٿورو مختلف آهي. ڪجھ ڪالم تہ واقعي فقط صحافتي مقصد پورو ڪندا آهن، پر اهڙن ڪالمن جي ڪمي بہ ڪونهي جنهن کي ادب قرار ڏئي سگهجي. اهڙا ڪالم جي مستقل اهميت جا حامل هجن ۽ انهن ۾ اهي خصوصيتون هجن جيڪي ادب جون آهن تہ اهڙن ڪالمن لاءِ صحافتي ادب جو اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. ڪالم جتي صحافتي اعتبار کان اهم آهي اتي ادبي لحاظ کان بہ اهم آهي.

شفيق جالنڌري لکي ٿو، ”ڪالم نويس پڙهندڙ لاءِ هڪ دوست جو ڪردار ادا ڪندو آهي، هو اهڙن موضوعن کي لکڻ لاءِ چونڊيندو آهي، جنهن سان ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ عوام جو واسطو هوندو آهي. انهيءَ سان گڏ ڪالم نويس اعليٰ اخلاقي قدرن کي بيان ڪندي سماجي برائين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهن." (جالنڌري، 1972 ، ص:27) (7)

دراصل ڪالم نويس پڙهندڙ ڪي شرمندگيءَ جو احساس شدت سان نہ ٿو ڏياري بلڪ انهن ۾ ذميدارين جو شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. 'نعره مستانہ' جي عنوان هيٺ لکيل شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جا ڪالم اهڙين ڪوششن جو عمدو مثال چئي سگهجن ٿا. ٻئي پاسي ڪالم نويس عوام ڪي قومي ۽ سماجي معاملن تي سوچڻ جي عادت وجهي ٿو. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪنهن خاص معاملي تي عوامي راءِ جي پيدا ڪرڻ / ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن، جنهن ڪري پڙهندڙ ۾ قومي شعور پيدا ٿيندو آهي.

## سنڌيءَ ۾ ڪالم نويسي:

سنڌي صحافت ۾ ڪالم نويسيءَ جي روايت ڪافي مضبوط بنيادن تي بيٺل آهي. سنڌيءَ ۾ صحافت جو باقاعده آغاز 1866ع ۾ هفتيوار 'سنڌ سڌار' سان ٿيو. سنڌي صحافت جو شروعاتي دؤر شخصي صحافت جو دؤر سڏائي ٿو. اخبارون پنهنجي ايڊيٽر ۽ مالڪ جي نالي سبب هلنديون هيون، انهيءَ ڪري پڙهندڙ تي ايڊيٽر جي شخصيت جو وڏو اثر هوندو هو. ايڊيٽر خبرن ۽ مضمونن جي حوالي سان پڙهندڙن سان مخاطب هوندا هئا، جڻ انهن جي ذهني تربيت ڪندا هئا. ڊاڪٽر عزيزالرحمٰن ٻگهيو لکي ٿو، "ان ڪم جي سلسلي ۾ اڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ڪي ان ڪري خصوصي اهميت آهي، جو ان دؤر ۾ خاص مسلماني سوچ جي نشاندهي ۽ نمائندگيءَ لاءِ آفتاب سنڌ (1896) ۽ الحق (1899) ۾ جاري ڪيون ويون، جن پنهنجي نموني سنڌ جي پنتي پيل مسلمانن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي". (ٻگهيو:1988:ص 261) (8)

اڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري سنڌي اخبارن جي انداز ڪي ڏٺو وڃي تہ انهيءَ وقت ڪالم جي نالي ڪان ڪير بہ واقف ڪونہ هو، ۽ نہ ئي وري مستقل عنوان سان ڪالم جي پنهنجي ڪا عليحده حيثيت هئي، پر ڪالم جو وجود اخبارن جي خبرن ۽ موضوعن جي اسلوب، مواد ۽ فڪرۡ خيال ۾ ائين موجود هو جيئن انساني بدن ۾ روح ۽ جان. شروعاتي صحافت ۾ خبر جي تازگي، حقيقت ۽ ٽيڪنيڪ تي ڌيان گهٽ هوندو هو، ۽ اهميت زبان ۽ بيان جي لطافت تي هوندي هئي. خبرون صرف واقعاتي بيان ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حقيقتون بيان ڪرڻ لاءِ نہ هونديون هيون بلڪ انهن ۾ ڪالم وانگر خيال جو اظهار، تنقيد ۽ تبصرو بہ شامل ڪيو ويندو هو. ڪالم، دراصل انهن پرلطف اسلوب رکندڙ خبرن جي ڪُک مان جنم ورتو آهي. مثال طور: ”هتي جي پوسٽ آفيس مان هڪ رجسٽرڊ ليٽر گم ٿي ويو آهي، جنهن ۾ 200 رپين جا نوٽ پيل هئا. موڪليندڙ 8-4 آني جي ڪفايت ڪئي جو ويمو ڪونہ ڪرايائين. پر يار اهڙا مليس جو هڙئي هلاڪ، پئسا پاٽيءَ ۾. جتي لوپي هجن تتي نوڳي بک نہ مرن. اوت ٽپالي سسپيند ٿيو آهي، باقي نوٽن الاءِ ڪهڙا در ڏٺا.“ (الحق: 11 فئبروري 1905) (9)

پوءِ جڏهن خبر کي خالص بنائڻ لاءِ انهيءَ جو بنياد واقعاتي حقيقتن تي رکيو ويو ۽ تنقيد، تبصرو، خيال آرائي ۽ زبان ۽ بيان جي حسن کي ان کان الڳ ڪيو ويو، تڏهن نئين زماني جي خبر ۾ نہ سمائجندڙ پراڻي خبر جي انهن الڳ ڪيل جزن ڪالم جو روپ اختيار ڪري ورتو.

1885ع ۾ خان بهادرحسن علي آفندي، سنڌ مدرسة الاسلام مان هفتيوار ”معاون مجمع“ شروع ڪئي ۽ اخبار جي ادارت لاءِ هن جي نظر شمس الدين ’بلبل‘ تي پئي، جنهن اخبار ۾ مزاحيہ انداز ۾ ڪالم لکڻ جي شروعات ڪئي. بلبل تي ننڍي کنڊ جي مشهور اخبار ’اوڌپنچ‘ جو وڏو اثر هو، جيڪا مزاحيہ ڪالمن جي اڳواڻ هئي. غلام محمد گرامي لکي ٿو، ”اوڌ پنچ 1877ع ۾، سنڌس زيرمطالع آئي، ان اخبار جڏهن سرسيد جي تحريڪ ۽ مغرب پرستيءَ جون طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز ۾ ڌڄيون اڏائي ڇڏيون هيون، تڏهن منجهس لاشعوري طور بذلہ سنجي پيدا ٿي، جا اڳتي هلي سنڌس فن جو مرڪزي ۽ مثالي نقطو بڻي.“ (گرامي، 1977 : ص 75) (10)

ڊاڪٽر عزيز الرحمٰن ٻگهيو لکي ٿو، ”شروع ۾ بلبل مرحوم جا ظرافتي چٽڪا اخبار معاون ۾ ڇپبا هئا، ليڪن بعد ۾ آفتاب اخبار جا مستقل ڪالم نگار بڻيا، جتان پوءِ منتقل ٿي چٽ سوال، پٽ جواب (1903)، آئينہ تجارت مايئہ ظرافت (1904)، لطائف و ظرائف (1908) ۽ گلزار لطائف (1910) جهڙن ڪتابي نالن تحت شايع ٿيا.“ (ٻگهيو: 1988 : ص 530) (11)

بلبل سنڌيءَ ۾ طنز ۽ مزاح واري نثر جو باني سمجهيو وڃي ٿو. هن جي لکيل مزاح ۾ شائستگي هئي، جنهن سبب هن طنز ۽ مزاح جي واڌ ويجهہ سان گڏ طنز ڪرڻ جو طريقو ۽ مزاح پيدا ڪرڻ جو سليقو سيکاريو. مثال طور هن جي لکيل هڪ ڪالم



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”مسلمانو ! ٻارن کي اسڪول ۾ پڙهايو، توهان کي خبر هجي ته تعليم پرائڻ سان توهانجا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بڻجي ويندا. هڪڙو واڻيو گهورڙيو، گڏه تي ڪوهرن جو ڪنو رکي ڪوهر وڪڻندو هو، پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪرايائين جو پڙهي فوجدار ٿيو، پر سندس واڻڪي عادت جا ڪيس پِتا ٽوپڻ داس کان ورثي ۾ مليِ هئي سا پٽيءَ مٽجي نه سگهي. سياڻن سچ چيو آهي:

”گڏهه گهوڙو نه ٿئي، جي سرن وجهنس سنج،
توڙي پاٿيون وجهنس پنج، ته به ڏوڙيو وجي گند تي“
(ٽماهي مهراڻ: ساليانو 1962) (12)

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ئي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڪيترائي اهم واقعا پيش آيا، جن سنڌي سماج توڙي سياست تي گهرا اثر وڌا. سائنسي ايجادن، جتي ڪيترين ئي سهولتون پيدا ڪيون، اتي ڪي مسئلا به پيدا ٿيا. سنڌيءَ ۾ شخصي صحافت کي عروج نصيب ٿيو، جنهن جو اهم مثال ’الوحيد‘ اخبار جو ڪراچيءَ مان جاري ٿيڻ آهي. هن اخبار، جتي صحافت جي خدمت ڪئي، اتي ڪالم نويسيءَ ذريعي بهترين ادب پڻ تخليق ٿيو. خاص ڪري ’نعره مستانه‘ جيڪو مست قلندر جي قلمي نالي سان شيخ عبدالمجيد سنڌي تحرير ڪندو هو. پير علي محمد راشدي ’ستاره سنڌ‘ ۽ ’سنڌ زميندار‘ سکر ۾ قلمي نالي سان ڪالم لکيا، جيڪي بهترين اسلوب، سهڻي ٻولي ۽ معياري مواد سبب پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيا. ستاره سنڌ سکر ۾ ڇپيل، سخنهائي گفتني جي عنوان هيٺ لکيل ڪالم ۾ لکن ٿا:

”قيصر وليم، سنڌ جي سياسي اهميت کان غير واقف ڪونه هو، کيس معلوم هو ته سنڌ هندوستان جو پهريون دروازو آهي، جيڪڏهن يورپ کان هندستان تي چڙهائي ٿي ته بري، بحري خواهه هوائي فوج کي پهريان سنڌ ۾ داخل ٿيڻو پوندو. تنهن ڪري کيس سنڌ اندر جاسوسي اڏي قائم ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ٿي. ان نازڪ ڪم لاءِ حڪومتِ جرمنيءَ جي نظرِانتخاب هڪ انتهائي درجي جي حسين ۽ جميل، چست ۽ چالاڪ دوشيزه تي پئي، جيڪا Ada (ادا) جي فرضي نالي سان سکر ۾ وارد ٿي.“ (ستاره سنڌ، 30 اپريل، 1936)

درحقيقت اخبار جي صفحن تي خبرن کان پوءِ اهي ڪالم ۽ ايڊيٽوريلس ئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هئا، جيڪي پڙهيل لکيل توڙي عام ماڻهو کي اها معلومات فراهم ڪندا هئا جيڪا سندن نظر ۾ اچي ڪونه سگهندي هئي. انهيءَ سان گڏ زبان ۽ بيان جو برجستو ۽ عمدو استعمال پڻ پڙهڻ ۾ ايندو هو.

محمد هاشم 'مخلص' هفتيوار 'مسلمان' ميرپورخاص ۾ 'رازونياز' جي عنوان هيٺ ڪالم لکندو هو. انهيءَ دؤر ۾ ڪالم طنز ۽ مزاح جي اسلوب ۾ لکيا ويندا هئا، جو ته انگريزن جي حڪومت هئي ۽ سڌيءَ ريت حڪومت تي نڪتچيني ۽ سرڪاري پاليسيءَ جي مخالفت جي اجازت ڪونه هئي. انهيءَ ڪري هن دؤر جي اديبن ۽ صحافين طنز ۽ مزاح وسيلي حڪومت ۽ انهن جي پاليسين خلاف لکڻ شروع ڪيو. رازونياز ۾ مخلص هن طرح لکي ٿو:

"اسين ته چئون ٿا ته جيڪڏهن هندستان جون ٽئي سياسي جماعتون پاڻ ۾ متفق ٿي وڃن ته مڙيئي مشڪل حل ٿي سگهن ٿا.

هندستان کي ڪهڙين شين جي ضرورت آهي ؟

1. چٽي پوليس جي
2. بنگالي پوليس جي
3. ولايتي ڳرن پگهارن جي
4. سرحدي فوج رکڻ جي
5. سخت کان سخت ٽيڪسن جي
6. بک ۾ مري پاهه ٿيڻ جي.

اوهانجي مهربانيءَ سان هي ضرورتون ڪنهن نه ڪنهن نموني پوريون ٿي وڃن ٿيون." (مسلمان: 25 مارچ: 1923) (14)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي ادارت ۾ نڪرندڙ هفتيوار 'الاصلاح' ۾ عبدالله 'عبد' ۽ خود حڪيم صاحب قلمي نالي سان ڪالم لکندا هئا، جيڪي پنهنجي منفرد انداز سبب پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول هئا. حافظ خيرمحمد اوحدي لکي ٿو، "روزانه اصلاح انهيءَ دؤر ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو جو هڪ حق گو، حق پرست ۽ ملڪ ۽ ملت جي بهي خواهه اخبارن کي ادا ڪرڻ گهرجي. اصلاح اقتدار جي انهن بکين سياستدانن جو هڪ هڪ قدم تي مردانه وار مقابلو ڪيو. هنن جي سازشن ۽ سوديبازين



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪان مسلم عوام کي آگاهہ ڪيائون. (اوحدي: نئين زندگي: 1964) (15)

نموني طور عبدالله ’عبد‘ جي ڪالم ’تفريحات‘ مان هڪ پئراگراف هيٺ لکجي ٿو: ”اسيمبليءَ جي انتخاب کي يار خواب ۾ بہ ياد ڪندا هوندا، جن کي ڪامياب ٿيڻ جو امڪان هوندو، سي پنهنجي انتخاب کي لاجواب سمجهندا. مزي جهڙي ڳالهہ اليڪشن وقت وري هيءَ آهي جو ووٽ انساني اميدوارن کي ڏيڻا ڪين پوندا، بلڪ حيوان ۽ بي جان اميدوار کي ڏبا آهن، يعني هاٿي يا گهوڙي، شينهن، گدڙ يا چنڊ يا چٽيءَ کي، پر ڪي سمجهو ٿا تہ حڪومت اهڙا نشان ڇو مقرر ڪيا آهن، هن لاءِ تہ اميدوار سمجهي تہ سرڪار نامدار وٽ هندستاني انسانن جو درجو حيوانن ۽ بي جانن جي برابر آهي.“ (اصلاح: 12 فئبروري: 1937) (16)

عبدالله ’عبد‘ ۽ محمد خان ’غني‘ جا ڪالم صحافت جا حصو هئا، پر ادب ۾ بہ انهن جو هڪ مقام آهي. هٺرادو ۽ بناوٽ کان پاڪ ڪالم، سلاست، رواني ۽ بي ساختگيءَ جو سٺو مظاهرو هئا. انهن پنهنجن ڪالمن لاءِ اڪثر ڪنهن تازي خبر يا واقعي کي ئي بنياد بڻايو. 1947ع تائين سنڌي ڪالم نويسي گهڻو ڪري طنز ۽ مزاح تائين محدود رهي. هن دؤر جي ڪالم نويسن اڪثر پنهنجين لکڻين ۾ مخالفن لاءِ تکا ۽ تيز تير بہ هلايا ۽ هڪٻئي جي شخصيت جي ڪمزور پهلوئن جي سڃاڻپ بہ ڪئي. خاص ڪري محمد هاشم مخلص ۽ نورمحمد نظاماڻيءَ جون هڪٻئي لاءِ لکيل اهڙيون تحريرون تاريخ جو حصو بڻجي ويون آهن. نورمحمد نظاماڻي طيراً ابابيل ۾ ’مقالہ مزاج پرسي‘ نالي ڪالم تحرير ڪندو هو. ڊاڪٽر عزيزالرحمٰن ٻگهيو لکي ٿو، ”طيراً ابابيل ۾ ’مقالہ مزاج پرسي‘ واري ڪالم ذريعي مخالفن جي خبر وٺندو هو، ۽ مٿانئن وڄ وانگر ڪڙڪندو هو. ساڳئي مقصد لاءِ وري ’نورِاسلام‘ ۾ ’تماشائي گل و خار‘ مستقل ڪالم لکندو هو.“ (ٻگهيو:1988 ص: 119) (17)

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ادبي دنيا ۾ ڪجهہ وقت تہ ماٺار رهي، پر پوءِ سنت ئي صحافت جي ذريعي ئي ادبي دنيا ۾ تحرڪ شروع ٿيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ دفعو ٻيهر ’نعره مستانہ‘ جي پليٽ فارم تان قوم جي نوجوانن کي مخاطب ٿي ڪالم لکيا، ڇو تہ سنڌي نوجوان پنهنجي منزل جو تعين ڪرڻ جي ابتدائي مرحلن ۾ هو، هن کي نہ صرف پنهنجي مذهبي سڃاڻپ بلڪ قومي ۽ علمي ميدان ۾ پڻ الڳ سڃاڻپ کي برقرار رکڻو هو. قومي جاڳرتا جي انهيءَ ابتدائي دؤر ۾ اهي ڪالم سنڌ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي دانشور طبقي جي نوجوان نسل کي دڳ تي آڻڻ جي ابتدائي ڪوشش هئا. اڄ بہ انهن ڪالمن جو پيغام اوتروئي اثر رکندڙ آهي جيترو ان وقت هو. مثال طور قلندر جي صدا جي عنوان هيٺ لکيل هڪ ڪالم ۾ هو نوجوانن کي سڌيءَ ريت مخاطب ٿئي ٿو، ”منهنجي قوم جا نوجوانو ! ڇو نہ ٿا مون سواليءَ جو سوال اونايو ؟ منهنجو توهان کان سوال هي آهي تہ توهان پنهنجي خدا سان سچا ٿي وڃو. جوانيءَ ۾ عبادت خدا وٽ پسند پوندي آهي، ۽ توهان کي ڪيميا جو ڪم ڏيندي. توهان جو دين ۽ دنيا درست ڪندي ۽ توهان کي خالق ۽ مخلوق وٽ مقبول ڪندي. توهان ڪاهي پٺو سنڌ ۾، مسلم قوم جا امام بڻجي وڃو. مسلم قوم جو ظاهر ۽ باطن سڌاريو. قوم توهان ڏي نهاري رهي آهي. توهانجي جوانيءَ تي نازان آهي. نوجوانن قومن جون قسمتون پلٽي ڇڏيون آهن، ۽ انقلاب آندا آهن، ۽ پنهنجي قوم کي بلند عروج تي وٺي ويا آهن. مذهبي محبت، قومي بيداري، ملڪي آزادي، هنري ترقي، تعليمي سڌارو، مالي واڌارو، فوجي خدمت، معاشرتي اصلاح، جسماني ورزش، قومي تنظيم، اخلاقي سربلندي، قوت ارادي، دستوري شناخت، قانوني واقفيت، روحاني فضائل، نئين ۽ بهتر زندگيءَ جو روح ڦوڪڻ ۽ اعليٰ ۽ افضل معيارن جي مفادن تائين پهچائڻ ۾ نوجوانن هر دؤر ۽ هر قوم ۾ پاڻ کي پئي پتوڙيو آهي.“ (شيخ عبدالمجيد سنڌي :1980 : ص 36) (18)

1958ع ۾ روزانہ عبرت حيدرآباد جي ٻئي دؤر ۾ ڪالم نويسي ڪرڻ وارن ۾ غلام محمد گراميءَ جو نالو اهم آهي. عام طور تي سندس مدلل ۽ محققانہ انداز مشهور آهي، پر ’بهلول دانا‘ جي قلمي نالي سان لکيل ’مزاحيات‘ ڪالم طنز ۽ مزاح جي اسلوب جو سٺو مثال آهي، جنهن ۾ هن علامت نگاريءَ جي ذريعي، ان وقت جي مارشل لا ۽ ٻين برائين خلاف ڏاڍو سٺو لکيو. هڪ ڪالم ۾ لکي ٿو، ”ون يونٽ جنهن کي هن دؤر جو فتنہ عظيم سڏجي، تنهن گهٽا ڏسٽا ۽ وائسٽا ۽ چڱا چوڪا ماڻهو هرڪائي وڌا آهن، هونئن بہ اسان جي ساده دل قوم آهي، ۽ وقتي نعرن ۽ هنگامن کان، تہ نہ ڪو مولوي ڪل خير خان بچيو آهي، ۽ نہ ڪو پير جيب ڪتر نظربندي بچيو آهي ! ڪئين موسيٰ ڀائي، عيسيٰ ڀائي ون يونٽ جي ٽوڙڻ لاءِ هڙتالن ۽ ستياگرهن جي تياري ڪري رهيا آهن. ڪئين سچا ڀائي سچا جي خون سان فارم ڀري چڪا آهن.“ (روزانہ عبرت، 25 ڊسمبر 1958) (19)

ساڳئي دؤر ۾ ڊاڪٽر عزيزالرحمٰن ٻگهئي نواءِ سنڌ ۾ گامون سچار جي قلمي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نالي سان ”گامون جا گفتا ابتا سبتا“ عنوان هيٺ مختلف سماجي برائين جي نشاندهي ڪندي ڪالم لکيا، جيڪي هن جي سادي اسلوب ۽ معياري موضوع جي چونڊ سبب پڙهندڙن ۾ مقبول هئا. هن جا چونڊيل موضوع اسان جي سماج جا اهي عام رويا هئا، جن اسان جي اڳتي وڌڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي آهي. اهڙي ئي هڪ عام فهم چونڊيل موضوع ۾ هن جنهن خوبصورتيءَ سان اسان جي اڏنگي روش کي بي نقاب ڪيو آهي، اهو پڙهڻ وٽان آهن:

”ٽيون ڏينهن صبح جو آفيس ايندي جيڪي مون ڏٺو، تنهن منهنجي واين ولڙين ڪرڻ سان گڏوگڏ مون کي عام شڪايت جي سبب وارو سوال سمجهايو. ڏسان ٿو هڪڙو اسڪولي ڇوڪرو منهن موڪرو، صاف ڪپڙن ۾ پهريل، رستي سان اسڪول جي طرف ڏوڪيندو پيو اچي، هٿ ۾ ربڙي ڪينهوڙو اٿس، جنهن کي ٽپا ڏياريندو ۽ جهپيندو پيو اچي، ڄڻ ته راند جي ميدان ڏانهن وڃي رهيو آهي. وري ان جي پٺيان ڏسان ته هڪڙو ماڻهو پراڻن ڪپڙن ۾ ملبوس (جيڪو نوڪر پئي لڳو) هن ڇوڪري جي ڪتابن جي بيگ ڪڙندو سهڪندو پيو اچي. منهنجي پيرن هيٺيان زمين نڪري ويئي، يعني مان ڪريس ڪونه، پر پنهنجي نئين سوچ ۾ گهيرجي ويس. توهان ضرور سوچيندا ته اهڙا منظر عام آهن، ۽ صبح جو اڪثر اسڪولي ٻار پنهنجا بستا نوڪرن ۽ نوڪراڻين کان کڻائيندا آهن. تنهن ڪري ڪهڙي خاص ڳالهه ٿي جنهن تي گامونءَ کي ٿو عجب لڳي، بلڪ عجب ته گامونءَ جي عجب تي آهي. خير توهان جي لاءِ جيڪڏهن ڪو عجب جو سبب ڪونهي ته نه سهي ليڪن منهنجي لاءِ ان سموري واردات جي سبب تي عجب آهي، ڇو ته توهان ئي شڪايت ڪندا آهيو ته پڙهائيءَ جو معيار گهٽجي ٿو. اسان ڳريون فيون ڀريون ٿا، پر ڇوڪرن ۾ سوجهرو ڪونهي. اها توهان جي شڪايت مون کي ياد آهي ته جڏهن اڪين سان ڏٺم طالب اڳيان هو، ۽ مطلوب پٺيان، يعني ڪتابي خالي ٻانهون هٽندو پيو هلي ۽ سندس ڪتاب سندس پٺيان ٻئي ڪلهي تي، ته پوءِ ٻڌايو ته شاگرد جي ڪلهي تي ڪهڙي جوابداري، ۽ اهڙي معمولي منظر ۾ منهنجي لاءِ ڪيڏي نه معنيٰ هئي. پوءِ ڀلا ! اجا عجب نه لڳي ؟ “ (روزانہ سنڌ، 24.7.1960) (20)

فڪري ۽ موضوعاتي لحاظ کان ڪالم انهيءَ وقت تائين ڪافي ترقي ڪري چڪو هو، جيئن مٿين ڪالم ۾ اسان ڏٺو ته ڪالم نويس لاءِ اهو منظر ٻه فڪر جو لمحو هو. روزانہ عبرت حيدرآباد جي صفحن تي ’نظري خوش گذري‘ جي عنوان سان شيخ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

علي محمد، ’علامہ خفقاني‘ جي قلمي نالي سان ڪالم تحرير ڪندا هئا. هن ڪالم جو اسلوب طنز ۽ مزاح وارو هو. موضوعن ۾ اسان کي تنوع نظر اچي ٿو. دراصل سنڌي اخبار جو پڙهندڙ هر طبقي مان هو، جنهن ڪري ڪالم نويس کي اسلوب توڙي مواد جي جوڙجڪ اهڙي ريت ڪرڻي هئي جو هر طبقي جو پڙهندڙ لطف اندوز ٿئي. شيخ علي محمد جي ڪالمن ۾ واقعاتي عنصر نمايان آهي. تقريباً هر ڪالم ۾ خبر جو ردعمل ڪنهن واقعي ذريعي ظاهر ڪيو اٿن. مثال طور، ”مسافر مرحوم کي بہ شايد ڪنهن سخت سرديءَ سان واسطو پيو هو جو سرديءَ کي مخاطب ڪندي چيو هئائين تہ ”واهہ سردي آهہ مليل توکي سر جو خطاب“. مطلب تہ سردي انهن لاءِ آهي جي سر هجن. ظاهر آهي تہ انگريز بهادر جي زماني ۾ سر جو خطاب حاصل ڪرڻ ڪا رواجي ڳالهہ تہ ڪونہ هئي. خان صاحبي، خان بهادري ۽ سردار بهادري وغيره جا مختلف مرحلا طئي ڪرڻ بعد وڃي ڪو مشڪل سان سر ٿيندو هو، ۽ پوءِ سر صاحب فرمايو:”سر صاحب انڪشاف ڪيو وغيره وغيره.....

مطلب تہ اصلي نام گم ۽ سر صاحب جتي ڪٿي موجود.“ (روزانہ عبرت، 24 جنوري 1964) (21)

ساڳئي وقت روزانہ عبرت جي صفحن تي پروانو ڀٽي ’غلام جاني‘ ۽ ڪڏهن ’پيراٽي ڀنيري‘ جي قلمي نالي سان ڪالم لکندو هو، ۽ رحمت الله ابڙو، ’مستانو سيوهاٽي‘ جي نالي سان ڪالم لکندو هو.

1958ع ۾ محمد عثمان ڏيپلائي هفتيوار انسان حيدرآباد مان شروع ڪيو ،جنهن ۾ ’نرالا نظارا‘ ۽ ’گامون جا گفتا‘ جي عنوان هيٺ ٻہ ڪالم تحرير ڪندو هو. ٻنهي ڪالمن جو اسلوب مختلف آهي. ڏيپلائي جي تحرير جي خاص خوبي هن جا ٽوٽڪا آهن، جيڪي هو سياسي، سماجي، قومي ۽ ٻين الاقوامي خبرن کي بيان ڪندي، اهڙي مهارت سان پيش ڪري ٿو جو اهي پڙهندڙن ۾ اتساهہ پيدا ٿا ڪن. اهو انداز هن جي طبع جي شگفتگي ۽ سادگيءَ کي بيان ڪري ٿو. مثال طور: ”جناب پير الاهي بخش جڏهن وڏو وزير ٿيو، تڏهن حيدرآباد جي درٻار هال ۾ هڪ بزرگ اڪثر ايم-اين-اي صاحبن کان قرآن تي قسم ورتو تہ هو ڪابہ بدانتظامي نہ ڪندا، پر ساڳئي ڏينهن شام جو ئي هن بزرگ پاڻ هڪڙي آفيسر کي خط لکيو تہ چٺي آٽيندڙ جو ڪم ڪري ڇڏيندا. ساڳئي طرح هڪ اينٽي ڪرپشن جج صاحب، ٽپيدارن کي ڇڏڻ وقت

ڪانئن قرآن تي قسم وٺندو هو تہ هو رشوت نہ ڪائيندا ۽ تپيدار ڪلندا ٻاهر نڪري چوندا هئا تہ جج صاحب قسم تہ ورتو، پر اهو حساب نہ لڳايائين تہ پگهارن مان پورت ڪيئن ٿيندي. سو ساڳئي طرح هينئر خبرون آهن تہ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جي ايڊمنسٽريٽر چوڌري سفير احمد لاڙڪاڻہ ميونسپالٽيءَ جي ڪامورن ڪان قرآن تي قسم ۽ اقرارنامو ورتو آهي تہ هو آئينده ايمانداريءَ سان پنهنجي ڊيوٽي بجا آڻيندا.“ (هفتيوار انسان، 18 اپريل 1960) (22)

خوش دليءَ جي انهيءَ انداز جي خوبي هيءَ آهي تہ هتي ٺهڪن ڏيارڻ لاءِ ڪنهن بہ ناشائستہ طريقي ڪان ڪم نہ ٿو ورتو وڃي، پر لفظن ۽ جملن کي اهڙي لطيف انداز ۾ لکيو وڃي ٿو جو ازخود چپن تي مرڪ تريو ٿي اچي.

1968ع ۾، روزانہ عبرت ۾ پير علي محمد راشدي ’رند ۽ پند‘ جي عنوان هيٺ ڪالم لکيا، اهي ڪالم هن پنهنجي اصلي نالي سان لکيا. ڪالمن ذريعي راشديءَ، سنڌي تاريخ جي اهم موضوعن تي قلم کنيو آهي، بلڪ سنڌي قوم کي درپيش مسئلن جو حل پڻ ٻڌايو آهي. هو انهن ڪالم نويسن منجهان آهي، جيڪي درد سان گڏ دوا پڻ تشخيص ڪن ٿا. مثال طور رند ۽ پند جي هڪ ڪالم ۾ هوءَ سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ اپاءَ تجويز ڪري ٿو، جيڪي هيٺين ريت آهن:

”1. سنڌ جا رهاڪو رشوت خوريءَ ڪان پري پڃن، نہ پاڻ رشوت وٺن ۽ نہ رشوت ڏين. رشوت جي خلاف اهڙو زبردست جذبو پيدا ٿيڻ گهرجي جو ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ سنڌين مان رشوت جو نالو نشان نڪري وڃي ۽ هرڪو ائين چوڻ لڳي تہ سنڌي رشوتي نہ ٿيندا آهن.

2. ذاتي زندگي سخت سادي هجڻ گهرجي، ڏيک ويک تي خرچ ٿيڻ نہ گهرجي، شادي مراديءَ جا اخراجات گهٽايا وڃن.

3. تجارتي ڏي وٺ ۾ ايمانداري هئڻ گهرجي، جيئن عام اثر هي پيدا ٿئي تہ سنڌي پيدائشي ايماندار ٿين ٿا.

4. چوراڪاريءَ کي ٻنجو ڏنو وڃي. غنڊن. لچن، لفنگن جي مدد نہ ڪئي وڃي.

5. مقدمہ بازي ڪان پاسي رهجي، هر تڪرار جو فيصلو خانگي طرح چڱن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مڙسن کان ڪرايو وڃي.

6. ڪاهلي، ڪم چورائي ۽ اجائي وقت وڃائڻ جي عادت کان پرهيز ڪجي، ماڻهوءَ کي سخت محنتي بنجڻ گهرجي.

7. علم ۽ تعليم کي چنبڙي پئجي ۽ پاڻ پڙهجي، ٻارن کي پڙهائجي ۽ پاڙي جي اڻ پڙهيل بالغن کي لکڻ پڙهڻ سيکارجي.

8. ڏک سک ۾ هڪٻئي سان همدردي ڪجي، ڪامورن جو دلال بڻجي پنهنجن ماڻهن کي نه ڦرائجي.

9. انساني حياتيءَ جو قدر ڪجي، ٿوري گهٽي ڳالهه تي لٺ يا ڪهاڙي وهائي نه ڪڍجي.

10. ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ۾ هي احساس پيدا ڪيو وڃي ته هو ٽڙي پکڙي پنهنجن ڳوٺن کان ٻاهر نڪري پڻ روزگار جي ڳولا ڪن ۽ هرويرو ڇيٽي جا جيت ٿي نه رهن.

سنڌ جا رهاڪو جيڪڏهن انهن ڳالهين تي عمل ڪن ته مون کي يقين آهي ته ٿوري عرصي اندر سندن تقدير بدلجي سگهي ٿي ۽ سندس سڀ مرادون حاصل ٿي سگهن ٿيون." (راشدي: 1988: ص 79) (23)

1970ع ۾ روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ 'علامه ڳالهير' جو ڪالم ڪچهري شايع ٿيندو هو. اهو روزانه جي حالتن ۽ واقعن جو چڻ ته جائزو هوندو هو، جنهن ۾ طنز ۽ مزاحيه انداز اختيار ڪيل هوندو هو. روزانه الوحيد ڪراچيءَ ۾ 1970ع ۾ اسحاق اثر 'منهنجو ڪالم' جي عنوان هيٺ ڪالم تحرير ڪندو هو. هن ڪالم جا موضوع گهڻو ڪري سياسي نوعيت جا هوندا هئا. ساڳئي اخبار ۾ 'ساموندي' جي قلمي نالي سان 'لهرون ۽ لوڏا' عنوان هيٺ روزانه ڪالم شايع ٿيندو هو.

روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ عبدالڪريم سعدي تمام عام فهم انداز ۾ 'تفريحات' جي عنوان هيٺ ڪالم لکندو هو. ساڳي اخبار ۾ ڪيڙ ڪوهستاني 'تلخيات' جي عنوان هيٺ ڪالم لکندا هئا. اهي ڪالم روزمره جي مسئلن جي اپٽار ڪندي لکيا ويندا هئا. لکڻ جو انداز توڙي ٻوليءَ جو استعمال عام فهم هوندو هو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## تحقيقي نتيجا:

هن تحقيقي اپياس جي ذريعي اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ سنڌي ڪالم نويسن سنڌ صوبي توڙي سنڌي سماج سان لاڳو مسئلن کي جنهن جرئت سان بيان ڪيو آهي، اوترو پاڪستان جي ٻئي ڪنهن بہ صوبائي زبان جي لکندڙن نہ ڪيو آهي. انهن سنڌ صوبي سان ٿيندڙ زيادتين توڙي سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ خرابين متعلق پنهنجن ڪالمن ۾ هلڪي ڦلڪي ۽ ڪڌهن تکي ۽ تنقيدي نموني لکيو آهي. بين الاقوامي معاملن تي بہ قلم کنيو اٿن ۽ پاڻ کي قومي ڌارا کان الڳ نہ رکندي ملڪي ۽ صوبائي سياست جي اندروني عمل کان پڙهندڙن کي آگاهہ رکيو اٿن. اهڙيءَ ريت انهن پڙهندڙن ۾ شعور يا ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ انهن ڪالم نويسن جو ڪردار هڪ اداري جيان اڀري سامهون آيو، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ ڪالم نويسي هر اخبار جي اٽوٽ گهرج بڻجي ويئي آهي.

## حوالا


1. Oxford English Dictionary, Vol: VIII – Page: 77
2. w.w.w.wikipedia.com
3. Encyclopedia Britanica, 15th Edition, 1989, Page:187
4. Amjad Muhammad, Towards Journalism, Kazmi Enterprises, 1994
5. Amjad Muhammad, Towards Journalism, Kazmi Enterprises, 1994, Page:49

6. جالندھری شفیق، کالم نویسی، علمی کتب خانہ، لاہور، (سال نامعلوم) ص: 15
7. جالندھری شفیق، کالم نویسی، علمی کتب خانہ، لاہور، (سال نامعلوم) ص: 27
8. ٻگهيو عزيز الرحمان ڊاڪٽر: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1988، ص: 261
9. روزانہ الحق، سکر، 11 فئبروري 1905
10. گرامي غلام محمد، مزاحيات، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1977، ص:75
11. ٻگهيو عزيز الرحمان ڊاڪٽر، سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1988، ص:530
12. ٽماهي مهراڻ، ساليانو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1962


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

13. راشدي علي محمد، سخنهائي گفتني، (ڪالم) ستاره سنڌ، سکر، 30 اپريل، 1936

14. مخلص محمد هاشم، راز و نياز (ڪالم) هفيوار مسلمان، ميرپورخاص، 25 مارچ 1923

15. اوحدي خير محمد حافظ – ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد 1964

16. عبد عبدالله، تفريحات (ڪالم)، سه روزه الاصلاح، 12 فيبروري، 1937

17. ٻگهيو عزيز الرحمٰن ڊاڪٽر، سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1988، ص: 119

18. سنڌي شيخ عبدالمجيد، نعره مستانه، سنڌ پبلشرز، 1980، ص: 36

19. گرامي غلام محمد، مذاحيات (ڪالم) روزانه عبرت، حيدرآباد 25 ڊسمبر 1958

20. ٻگهيو عزيز الرحمٰن ڊاڪٽر، گامون جا گفتا (ڪالم) روزانه نواءِ سنڌ، ڪراچي، 24 جولاءِ 1960

21. علي محمد شيخ، نظري خوش گذري (ڪالم) روزانه عبرت حيدرآباد، 24 جنوري، 1960

22. ڏيپلائي محمد عثمان، گامون جا گفتا (ڪالم) هفتيوار انسان، حيدرآباد، 18 اپريل 1960

23. راشدي پير علي محمد، رند ۽ پنڌ، سنگم پبليڪيشن، مارچ 1988 ، ص:79

Shah Abdul Latif Bhitai Chair